## (لازمي سوال)

سوال نمبر۸:۔ هي لازمي سوال آهي.

(الف) ڏنگين ۾ ڏنل جوابن مان صحيح جواب جي چونڊ ڪري لکو:

(۱) "سنڌي ٻولي جي تاريخ" جو ليکڪ ________ آهي:

(ڊاڪٽر بلوچ..... ڀيرومل..... عبدالمجيد ميمڻ)

(۲) سچل سرمست جو فارسي شاعري ۾ تخلص ________ هو:

(اقرار..... اسرار..... آشڪار)

(۳) شاهه عبداللطيف ڀٽائي ________ دؤر جو شاعر هو:

(ٽالپر..... ڪلهوڙا..... سما)

(۳) فقير قادر بخش بيدل جي مزار ________ ۾ آهي:

(روهڙي..... سکر..... خيرپور)

(۵) "اونداهي ڌرتي روشن هٿ" ________ جو لکيل آهي:

(آغا سليم..... تنوير عباسي..... شمشير الحيدري)

(٦) "سُرهي سُرهي سار" ________ صنف جو ڪتاب آهي:

(ڪهاڻي..... مضمون..... سفر نامو)

(۷) دين محمد وفائيءَ جي لکيل ڪتاب جو نالو ________ آهي:

(مقدمه لطيفي..... لطف اللطيف..... لطائف لطيفي)

(۸) "احوال شاهه عبداللطيف ڀٽائي" ________ جو لکيل آهي:

(گربخشاڻي..... مير عبدالحسين سانگي..... مرزا قليچ)

(۹) "جهڙا گل گلاب جا" ________ جو لکيل آهي:

(ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو.....غلام رباني آگرو.....علي محمد راشدي)

(۱۰) "روشن چانورو"، ڪهاڻين جو مجموعو ________ جو لکيل آهي:

(ثميره زرين.....نجم عباسي.....نسيم کرل)

(ب) هيٺ ڏنل صحيح يا غلط جواب آهن، چونڊ ڪريو:

(۱۱) "شاهه جو رسالو" پهريون ڀيرو ڊاڪٽر سورلي ڇپرايو. (صحيح/غلط)

(۱۲) موجوده سنڌي الف-ب ٽالپرن جي دؤر ۾ جڙي راس ٿي. (صحيح/غلط)

(۱۳) "سائوين يا ڪارونبو" مرزا قليچ بيگ جو لکيل آهي. (صحيح/غلط)

(۱۳) "ڪٿي نه ڀڄبو ٽڪ مسافر" جو ليکڪ محمد صديق مسافر آهي. (صحيح/غلط)

(۱۵) نورالهديٰ شاهه پنهنجي ڪتاب "ڪربلا" ۾ ڪربلا جي واقعي جو ذڪر ڪيو آهي. (صحيح/غلط)

(۱٦) "سانگهڙ"، محمد عثمان ڏيپلائي جو لکيل ناول آهي. (صحيح/غلط)

(۱۷) "چار مقالا" جو ليکڪ شمس الدين عرسائي آهي. (صحيح/غلط)

(۱۸) "ملير ڪان مالمو" جو ليکڪ الطاف شيخ آهي. (صحيح/غلط)

(۱۹) "اُهي ڏينهن اُهي شينهن" جو ليکڪ حسام الدين راشدي آهي. (صحيح/غلط)

(۲۰) "چام، چاموٽ ۽ چامڙا" ڪتاب جو مصنف علي احمد بروهي آهي. (صحيح/غلط)